ڊاڪٽر رقيہ عامر سومرو
ڊاڪٽر الهوسايو سومرو

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سُر ساموندِيءَ ۾ عورت جي جذبن جو اظهار: مختصر اڀياس

***Abstract:***

'Shah Jo Risalo' is the master piece of Sindhi literature. Having the rich quality of observations and repeat with genuine experiences of the poet. However Shah Jo Risalo is symbol of splendid deep, multi cornered Sindhi language. Shah Latif's poetry is chiefly didactic, mystic and covering a number of themes.

Shah Latif has covered many subjects like, oneness of God, mundane realities, spiritual secretes, etc. Where as, Shah Latif is representative the poet of sacred thoughts and human feeling and sentiments. Shah Latif is ambassador poet of history, historical events, love, stories cultural socio-political scenario of that time etc.

Latif is the poet of common people. His characters are symbolic depicting subjective and objective realities of life. His Sur Samondree is one of them. This reflects the real feelings of a woman whom husband has left her on going his abroad for the necessary trade and business. Shah Latis has more fully described her all feelings in beautiful and interesting words in this Sur Samoondree.

**شاهہ لطيف** جو رسالو وسيع مشاهدي، سلوڪ جي ڳُوڙهن نُڪتن، روحاني رمزن ۽ معرفت جي موتين سان مالا مال آهي. جنهن ۾ تاريخي واقعن ۽ داستانن، سخين، ڏاتارن، سُورهين ۽ سُورمين جا لازوال ۽ شاندار ڪردار ملن ٿا. ان ۾ مختلف سماجي، سياسي، نفسياتي، معاشي ۽ معاشرتي حالتون، مختلف علمن، سليس ۽ سهڻن پُرڪشش لفظن جي ڪاٽين، لُغوي ۽ لسانياتي خُوبين مطلب تہ انيڪ خُوبين سان سينگاريل ڪلام ملي ٿو. ظاهري ۽ باطني حقيقت ۽ روحاني راز، سندس ڪلام جي اهم خوبي آهن. مطلب تہ هر لحاظ کان هر جذبي کان جمال ۽ ڪمال جي دامن سان وسيع کان وسيع تر نظر اچي ٿو.

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ هر هڪ بيت ۾ انساني نيڪ جذبن، پاڪ خيالن ۽ سچي عشق جي احساسن جي ترجماني تہ ملي ٿي پر انساني اُمنگن ۽ اميدن جي بهترين رهبري ڪندڙ ڪلام پڻ آهي. جنهن ۾ سنڌ جي تاريخي، نيم تاريخي داستانن سان گڏ سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جي ترجماني ٿيل آهي. سندس شاعري انقلابي ۽ عوامي هجڻ سان گڏ اتساهيندڙ ڪلام بہ آهي.

شاهہ لطيف جي رسالي ۾ ڪل 30 سُر آهن. ڪنهن رسالي ۾ 18 تہ ڪنهن رسالي ۾ 36 سُر بہ ملن ٿا. جنهن مان هڪ سُر ساموندي بہ آهي. جنهن ۾ انساني جذبن خاص طور تي عورت جي جذبن جي تمام گهرائيءَ ۽ نفاست سان سهڻي نموني عڪاسي ڪيل آهي.

جي وئڙم اڄُ ، سي ڪڏهن ايندا مان گري،
پريان جي هن پار ڏي، وجي دنڪي ڏڄُ،
ساموندڪو ڏجهُہ ماءِ! مارينڊم ڪڏهين.

(شاهواڻي، سُر ساموندي، داستان پهريون، بيت 14، 2005ع، ص: 191)

هن سُر کي اهو نالو ان جي مضمون مطابق ڏنو ويو آهي جو تہ ان ۾ ساموندين جي وڃ واپار ۽ جذبن جو ذڪر ملي ٿو. غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو تہ: "ساموندي نالي، نہ ڪو راڳ ۽ نہ ڪا راڳڻي سُجهي ٿي. هيءُ نالو شاهہ جي رسالي کي ترتيب ڏيندڙن جو، من گهڙت ٿو ڏسجي، جو هنن ضرور، هن سُر کي مضمون ۽ موضوع جي مد نظر ڏنو هوندو." (۱)

پڳهہ پاسي پڄُ، آيل! ساموندين جي،

مَن ۾ ڀاري مَڇُ، جمرَ وجنئي اوهري.
(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 2، 2005ع، ص : 199)

جيئن هن سُر ۾ سمنڊ جو ذڪر ٿيل آهي، سمنڊ ڪناري رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي جو احوال ڏنل آهي. ان ڪري ان تي 'سُرسامونڊي' نالو رکيو ويو آهي.

رقيہ غلام النبي شاهاڻي پنهنجي مقالي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو حوالو نقل ڪندي لکي ٿي تہ : ” هن سُر جو نالو، 'سامونڊري' غور طلب آهي، جنهن جا بہ سبب ٿي سگهن ٿا: هڪ عام فهم سبب اهو آهي، جوهن سُر جا بہ مکيہ ڪردار يعني سمنڊ جو سفر ڪندڙ وڻجارا، معُلم، ملاح ۽ ناکئا هئا. جن کي سمنڊ جي نالي پويان سامونڊري سڏيو ويو. هن نالي سببان هن سُر کي سامونڊري سڏيو ويو. پر تاريخي لحاظ سان وڌيڪ صحيح سمجهڻ ايئن ٿيندو تہ اُن دور ۾ سنڌ جي پرڏيهي واپارين ۽ ملاحن جا ڏوراهين منزل ۽ مقصد وارا ماڳ اوپر طرف جاوا ۽ سوماترا جو سامونڊرا وارو ملڪ هو ۽ ان سامونڊرا واري ملڪ ڏانهن وڃڻ ۽ واپار ڪرڻ سببان ڪين سامونڊري سڏيو ويو. جنهن تان هن سُر تي نالو پيو.“(۲)

هن سُرجي بيتن ۾ وڻجارن جي سامونڊي سفر جوذڪر ملي ٿو. سامونڊي قرقل، ڦوٽا ۽ پراچا (قيمتي ڪپڙا) ڪٽي لنڪا ۽ عدن جهڙن ڏيساورن ڏانهن ويندا هئا ۽ اتان موٽ ۾ قيمتي سامان جهڙوڪ، ماڻڪ ۽ سون آڻيندا هئا. جنهن جي شاهدي هن بيت مان ملي ٿي.

ڪاري ڪيڙائو، مَتي مِني موتيا،
سودو ڪَنِ نہ سونَ جو، وَڏا وِهائو،
موتي جي مهراڻ جا، تَنِ جا طاماعُو،
سامونڊي ساڻُو ، لَنڪا لوڻي آئيا.
(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٽيون،بيت 9، 2005ع، ص : 206)

اُهي وڻجارا، ملاح ۽ ناکئا پرديس ڏانهن ويندي پنهجن گهرن ۾ پنهنجين زالن کي چڏي ۽ گهر جا سڀ سُک، سڪون ۽ آرام ترڪ ڪري مهراڻ جي موتين جي طلب جي آسري ۾ سمنڊ جهاڳي وجي ڏورانهن بندرن تي نڪرندا هئا. اُنهن وڻجارن، ملاحن ۽ ناکئن جي رواني ٽيڻ مهل سندن ونهيون ۽ زالون بندر تي ٻيهي ٻي آس ۽ ٻيوس تي ڳوڙها ڳاڙهينديون هيون ۽ ونجهه کي ور وجهي پنهنجن ڪانڌن ڏانهن سِڪ ۽ سرير منجهان نهارينديون هيون ۽ ڪين پرديس ڏانهن نہ وڃڻ ۽ گهر ۾رهي پوڻ لاءِ پيون ليلائينديون ۽ جَتن ڪنديون هيون. پنهنجي محبوب ۽ وَر کي پاڻ کان ڏُور ٿيندي ڏسي سندن سيني مان ٻيوسي جون آهون ۽ اکين مان ڳوڙها وهي پوندا هئا.جيئن بيت ۾ شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

سيئي جوين ڏينهن،جڏهن سجڻ سفر هليا،
رُئان رهن نہ سپرين، آيل! ڪريان ڪيئن؟
مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري.
(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 8، 2005ع، ص: 190)

هڪ وَنيءَ جي آهَ آهي هي چوي پئي اهي منهنجي جواني جا ڏينهن ئي هئا. جڏهن سجڻ سفر تي اُسهيا آهن، اي اَمان ڪيئن ڪريان، روئان ٿي تہ بہ پرين وڃڻ کان نہ ٿا رهن مون کي جيئري ئي چکيا تي چاڙهي، وجوڙي ۽ فراق جي باهہ ۾ ساڙي وڻجارو ٻيڙي هاڪاري هليو ويو. جيڪڏهن ڏسجي تہ سُر سامونڊي جو داستان زال ذات جي جذبن ۽ اُمنگن جي اوج ۽ عروج تي نظر اچي ٿو.

ننگرئون نيٽين، من اوليءَ نہ اوهري!
سباجهين نيٽين، پائي ڳَڻَ ڳهيو هنيون.
(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 7، 2005ع، ص : 190)

لطيف سائين جي هن سُر ۾ بيان ڪيل وڇوڙي جو درد، رقت ۽ دلسوزي ڇاتي وارا ڇيھ ڏيو، جيءُ جهوري ٿي وجهي. هن سُر ۾ لطيف سائين اسان کي هڪ اهڙي محبت جي ماريل ۽ وَر سان وفادار عورت جي رُوپ ۾ نظر اچي ٿو. جنهن وَر سان گڏجي گهارڻ ۽ محبتون موڪڻ لاءِ وڏي اُڪنڊ ۽ اُڪير وچان سندس لائون لڏيون آهن. پر اڳئين ڏينهن تي سندس گهوٽ ڏوراهين ڏيهه جي سفر تي سانباها ڪري نڪري ٿو پوي. هن نازڪ نذر ناريءَ جو هِنيون هڄي ٿو وڃي. هن ته اڃا پنهنجي پرينءَ سان اندر جا احوال به ڪو نه اوريا هئا ته هو ڪيس روئيندو ڇڏي روانو ٿي وڃي ٿو. اهڙي وڇوڙي جي وڍيل ۽ محبت جي ماريل عورت جا ورلاپ سُر سامونڊي جا مکيه عنوان آهن.

جي تون وڻجارو ڪانڌ، ته مون هڏ مَ لائون لڏيون،
پرڏيهه مَٿي سانگ، انئي پهرَ جنهن ڪيو.

(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٽيون، بيت 15، 2005ع، ص: 208)

الوڙڻ نه ڏئي ، وَرُ وڃائين وَنجهه ڪي،
رَهُ اچوڪي راتڙي، لالنَ! مُون لائي،
وَڃُ مَ ڦوڙائي، ايڏي سَفَرِ سُپرين.

(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 21، 2005ع، ص: 193)

شاهه جي رسالي جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته شاهه صاحب عورتن جي جذبن، احساسن، اُمنگن ۽ خواهشن جو ترجمان شاعر آهي. هو عورتن جي دردن ۽ مختلف ڪيفيتن کي پنهنجو سمجهي ڪري اُن جو تذڪرو پنهنجي ڪلام جي ذريعي عوام الناس تائين ٿو پهچائي. پنهنجين سيني سُورمين جي خاص ۽ اهم پهلُوءَ جو انتخاب ڪري، اُنهن جو مقدمو وڙهي، ڪين سماج ۾ اعلي رُتبي، فضيلت، مانُ ۽ شانُ واري حيثيت ڏياري ٿو. پاڻ پنهنجين سُورمين جي سختين، اذيتن، تڪليفن ۽ اهنجن کي سمجهڻ جي لاءِ پوري سنڌ جو سانده پورا ٽي سال پيادل سفر ڪري، سندن اصل مڪانن تائين پهچي ڪري معلومات حاصل ڪري ۽ مشاهدو ڪري ٿو. پوءِ انهن کي بيتن ۾ هن طرح بيان ڪري ٿو.

تن جنين جي تانگ، سي سڄڻ سفر هليا،
لئج لات لطيف چي، ڪڏهن ايندم ڪانگ!
ڪنهن سَتاٽي سانگ، پرين پرڏيهي ڪيا.

(شاهواٽي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 25، 2005ع، ص: 193)

شاهه سائين جي شاعريءَ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته هر بيت ۾عورت پنهنجو ڳاٽ مٿي ڪنيو نظر ايندي، هوءَ پنهنجي وفا ۽ محبت ۾ هڪ رَتيءَ جيتري به ڪمي نه ڪندي محسوس پئي ٿئي. ڀلي پوءِ اها ماريءَ جي روپ ۾ ڪوٽن ۾ بند هجي، سسئي وانگر رڻ ۾ رُلندي هجي، ليلان وانگر ليلائيندي هجي، سُهڻي وانگي بنا ٻِپ جي درياهه ۾ گهڙي هجي، نوريءَ وانگر نيازمند ۽ انڪسار هجي يا وري مومل وانگر پاڻ کي جيئري ساڙيو هجي، مطلب ته هر روپ ۾عورت پنهنجي وفا ۽ محبت جي ڪري هميشه مٿيري ۽ اڳيري نظر ايندي. سُر سامونڊيءَ جي عورت ته سيني کان اڳيري آهي ان جو وَر لاءِ اوسيئرو ۽ انتظار ڪنهن موت کان گهٽ نه آهي پر پوءِ به اها چئي ٿي ته:

چمڪيون چوڌار، ڏڄُون ڏاڙيچن جيون،
ماءِ! سامونڊي آئيا، سهسين ڪري سينگار،
اُنين جي پچارَ، ڪالهونڪر ڪانگ ڪري.

(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 38، 2005ع، ص: 196)

تڙين تنوارين ، ماءِ! سامونڊي آئيا،
مون کي جيارين، وايون وڻجارن جون.

(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٻيو ، بيت 6، 2005ع، ص: 199)

اهڙيءَ طرح سُرسامونديءَ کي پڙهي ڏسجي ته ان ۾شاهه صاحب عورت جي اوسيئڙي کي ڏاڍي نماڻائيءَ سان چٽيو آهي. رسالي ۾ هن سُر جو مطالعو ڪندي ائين پيو لڳي جڻ ته، ”لطيف سرڪار عورت ذات جي من جي گهراين ۾ ٽٻيون ڏنيون آهن ۽ سندن اُمنگن ۽ اُڏمن جوجائزو ورتو آهي ۽ اُنهن کي حقيقت جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو آهي.“[٣] تڏهن ته چئي ڏنائين ته:

اولاڪٽي اُوءِ ، پکڻ چوڙي پنڌ ٿيا،
آيل! سامُوندين جي، آهِ اَرانگي جُوءِ،
ڪَڏهن ڏسنديس رُوءِ،وري هن اکين سين.

(شاهواڻي، سُر ساموندي، داستان پهريون، بيت 7، 2005ع، ص: 199)

لڳي اُترَ هِيرَ ، ساموندين سڙهَ سنباهيا،
ننگرَ ڪٽي ناکئا، ٿيا سناوا سير،
هينئڙي نِتُ اُڪِيرَ، ڪاري ڪيڙائُنِ جي.

(شاهواڻي، سُر ساموندي، داستان پهريون، بيت 8، 2005ع، ص: 199)

هنن بيتن ۾ عورت جي بيوسي ۽ لاچاري نمايان ڏسي سگهجي ٿي. سندس وَر پرديس وڃڻ جون ڳالهيون پيو ڪري ۽ سندس روئڻ ۽ جهَلڻ جو سندس ور جي مٿان ڪو به اثر ڪونه ٿو ٿئي. اُنهن عورتن جي اِنهي پُر سوز ڪيفيت کي شاهه لطيف ئي بهتر ٿو سمجهي سگهي. وري هنن بيتن کي ئي پڙهي ڏسو.

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون
انئي پهر اٿن، سعيو ڪنهن سفر جو.

(شاهواڻي، سُر ساموندي، داستان پهريون، بيت 1، 2005ع، ص 198)

هڪ ٻئي بيت ۾ شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون
هلڻ هارا سپريئن، رُئان تان نه رهن
آئون جهليندي ڪيترو، آيل!ساموندين
پکڻ چوڙي جن، وڏا ٻيڙا پار ۾.

(شاهواڻي، سُر ساموندي، داستان پهريون، بيت 3، 2005ع، ص 198)

وَڻجارا لفظ جي معنيٰ جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته : ” وَڻجارو: ذ. سوداگر- تجار.“[٤]
وَڻجاروجيڪو سوداگر ۽ تاجر آهي هو هميشه پنهنجي زندگي تجارت ۽ واپار جي سلسلي ۾ خانه بدوش ٿي گذاري ٿو. واپار ۽ تجارت جي سلسلي ۾ مسلسل نقل مڪاني ڪندو رهي ٿو، ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي، جيڪڏهن هو گهروارن جي چَوڻ تي گهر ۾ ٽِڪيو رهيل هجي ته پوءِ گهر جو ڪار وهنوار ڪيئن هلندو. شاهه لطيف اُنهن ملڪن جو به ذڪر ڪري ٿو جتي اُهي وڻجارا تجارت جي سلسلي ۾ وڃن ٿا.هن بيت ۾ لنڪا جوذڪر ملي ٿو شاهه لطيف هن طرح انهن جي ڪيفيت کي بيان ڪري ٿو ته:

لَنڪا لَنڪا ڪن، لَئي لنڪا جي اُوهَرئا،
سُٽي سون لَنڪا جو، سُک نه ساموندين،
پِره پکڻ چوڙيا ، ڪاري ڪيڙائن،
وڏي ياگ پڙن، جي ڪَهيا ڪارونيار ڏي.

(شاهواڻي، سُر ساموندي، داستان ٽيون، بيت 10، 2005ع، ص 207)

جيڪڏهن محسوس ڪجي ته فراق ۽ جدائي جو غم ٻين سمورن غمن کان وڌيڪ اَذيت ۽ تڪليف ڏيندڙ هوندو آهي. سامونڊي سفر تي روانا ٿي چڪا آهن. انهن جون ڳالهيون ياد ڪري انهن جون وَنيون تڙ تي گوندر ۾ گذاري رهيون آهن. سامونڊين جي تار ۽ تنوار سندن من موهي ڪري ڇڏيو آهي.

ويا اوهري اوءِ ، مون کي ڇڏي ماڳهين،
جُڳن جا جُڳَ ٿيا، تئان نه موٽيو ڪوءِ!
گُوندرُ مارينديءِ ، ويچاريءَ وِئن جو.

(شاهوائي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 10، 2005ع، ص: 191)

نه سي تڙِ هوڙاڪَ ، نه وايون وڻجارن جُون،
سرتيون! سامونڊين جا، اَڄ پڻ ڇڪيم چاڪ،
مارينهون فراق ، پاڙيچيون پرين جا.

(شاهوائي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 9، 2005ع، ص: 190)

ڪيڏو درد آهي انهن بيتن ۾، شاهه لطيف وڻجارن جي وَنين ويچارين جي جذبن جي گهرائي بيان ڪئي آهي. جيڪي انظار جي عذاب کان نه گذرن ٿيون پر اتي پاڙي وارين جي مهڻن طعنن سان به اندر ۾ ڳري رهيون آهن. وَنين ويچارين کي وڻجارن جي ورڻ جي ڪا به ڪل نه آهي نه ئي انهن جو اتي ڪو ذڪر ٿو ٿئي. ان ڪري شاهه لطيف کين صلاح ڏيندي سمجهائي ٿو ته:

اونهي ۾ اوهري ، جڏهن ويا جي
موٽي ماڳ نه آيا، ماءِ! سامونڊي سي،
ڪارو تنين کي، جيڪس وَهُ وري وِيو!

(شاهوائي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 12، 2005ع، ص: 191)

وڻجارا سامونڊي سفر ڪري انهيءَ ساگر ۾ٻيڙي هاڪاري هليا ويا، سي اي جيجل اَمان وري ماڳ تي واپس نه وريا. شايد انهن جي مٿان سمنڊ جي تکي وير (ڪاري پاٽي واري) چڙهي ويئي آهي، ڪاري پاٽي سندن وجود وڃائي يا ڳاري ڇڏيو.

اوڙاهِ ويا نه وريا ، آئون تنهن ماري ويڻ،
ڪري سامُونڊي سيڻ، جُسي جارُ پرائيو.

(شاهوائي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 13، 2005ع، ص: 191)

سُر سامونڊي ۾ شاهه لطيف عورت جي مختلف ڪيفيتن، احساسن ۽ جذبن، دردن جو خُوب طرح سان ذڪر ڪيو آهي. هن سُر جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته شاهه لطيف عورت جي درد، مصيبت، جدائيءَ جو جيءَ کي جهورڻ، ڳٽنيءَ ۾ ڳرڻ، اندر ۾اٽڻ، فراق، اوسيڙو ۽ اُلڪو، اکين آڏو اونداهي، مٿي کي چڪر، ساهه جو گُهٽجڻ، ڦٽڪڻ، بي چيني ۽ بي سڪوني ۽ وري فڪراهو ته سندس وَر جي وري وراند ٿيندي الاءِ نه. اهڙن جذبن جو تذڪرو گهٽي قدر ملي ٿو. اِنهيءَ آس ۽ اُميد ۾ ويني ويني سالن جا سال ۽ مُندن جون مُندون گذري وڃن ٿيون. پر اهي وڻجاريون پنهنجي آس ۽ اميد نه ٿيون ڇڏين، پنهنجي ور جي لاءِ سوين سڪائون ڏين ٿيون. شاهه لطيف اهڙي ڪيفيت جو ذڪر ڪندي هن بيت ۾ چوي ٿو ته:

سَر نِسريا پاند ، اُتر لڳا آءُ پرين!
مون تو ڪارڻ ڪانڌ! سَهسين سُڪائون ڪيون.

(شاهوائي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 27، 2005ع، ص: 194)

سَر، لوهيڙا ڳپيا، ڪُسَرَ نِسريا،
تو ڪيئن وسريا، ڍوليا ڏينهن اچڻ جا.

(شاهوائي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 28، 2005ع، ص: 194)

وڻجاري جي وَنِيءَ وَر لاءِ تڙپي پئي. سک جي ستايل سورمي جو من ميلاپ لاءِ ماندو آهي. سندس دل ۾ اها ئي طلب ۽ تات آهي ته جيڪر منهنجو محبوب هاڻي واپس ورڻ جي ڪا واٽ واري ۽ جلد اچي مونسان ملي جيئن منهنجي گهايل من جي مراد پوري ٿئي. مان پنهنجي محبوب سان دل کولي روح رهاڻيون ڪريان. هوءَ پنهنجي دل جو اڌمو اندر ۾ سانڍي ڪا نه سگهي. سو پنهنجي پياريءَ آيل امڙ سان مخاطب ٿي چوي ٿي پياري امڙ جيڪڏهن منهنجو ور پنهنجو وڙ ڪري اچي ۽ منهنجو اڱڻ اجاري ته هوند مان ساڻس ڳر لڳي فراق ۽ جدائي جا سمورا احوال اوريان، سندس ڳچي لڳي ڳالهيون ڪيان. اهڙن جذبن جي ڪيفيت کي شاهه لطيف هن طرح بيت ۾ بيان ڪيو آهي.

جيڪر اچي هاڻ ، ته ڪريان روح رچنديون
آيل! ڍولئي ساڻ، هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان.
(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 29، 2005ع، ص: 194)

هاڻي ته وڻجاري جي وَنِيءَ جي دل ۾ سک جو سلو وڏي وڻ ٿي ويو آهي اها ڏکن جي ماريل، پنهنجي پياري وَر جي انتظار ۾ بيٺي تڙپي، تانگهي ۽ تاڃي ٿي، اوچتو سندس نظر سمنڊ جي سطح ڪان سرڪندي پنهنجي سامونڊين جي جهاز جي سڙهه تي وڃي پوي ٿي سندس جان ۾ ساهه پئجي وڃي ٿو. هو وڏي سک ۽ اتساهه مان اچي ماءُ کي ٻڌائي ٿي ته آيل اجهو پنهنجا سامونڊي سجڻ اچي ماڳ پيڙا ٿيا آهن. مون جاني جي جهاز جا سڙهه سڃاتا آهن، پر شل منهنجو محبوب به ان جهاز ۾ خير سان موجود هجي.

سڙهه سڃاڻيوچوءِ، ماءِ !سامونڊي آئيا
مانَ منهنجو هوءِ، جاني هِن جهاز ۾.
(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٻيون، بيت 13، 2005ع، ص: 200)

اڄ سک جي ستايلن ۽ فراق جي ماريل وڻجاري جي وَنِيءَ جو ور سَهسين سُڪائن بعد وريو آهي، سا هر گز نٿي چاهي ته سندس محبوب ڪجهه ڏينهن ترسڻ بعد وري ڪيس وڇوڙي جو داغ ڏيئي هليو وڃي.

وڻجارن جو ڏورانهن ڏيهن ۾ هميشه ئي ڪم آهي، هي ڪيئن پلا تڙن تي ترسندا؟ ڪيترو وقت وَنيءَ لاءِ ترسي پوندا؟ ڪڏهن نه ڪڏهن ته پيٽ ڪوت لاءِ گهرڪان ٻاهرنڪري، آخر ته ڪين سفر سڌارڻو آهي. وَنِين وٽ ويهڻ سان ته اهي وڻجارا بُک مرندا، تنهن ڪري انهن وٽ سدائين سفر لاءِ تياريون ۽ سانباها هوندا آهن ۽ هر وقت بلڪ اٺ ئي پهر اهي وڻجارا ڪنهن نئين سفر جي تياري لاءِ پيا پاڻ ۾ پچارون ۽ صلاحون ڪندا رهن ٿا. انهن جون وَنِيون انهن جي سانباهي جو ٻڌي پوءِ هيئن پيون ورلاپين.

وڻجاري ڪانڌاءُ، مون وَرُ ويني گهاريان،
لڳي اتر واءُ، ڍوليو هلڻ جُون ڪري.
(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٽيون، بيت 14، 2005ع، ص: 207)

اهو ئي سبب آهي جو اهي ويچاريون تَڙن تي وينيون روئن. وڻجاري جي وَنِي ڪڏهن ته ايئن پئي چئي ته مون اهڙي ماڻهوءَ سان من چو اڙايو، پنهنجو پاند چو اٽڪايو، مون ان سان پيچ چوپاتو؟ اهڙا پُور هن جي دل ۾هميشه پون ٿا. اهو سوچيندي رهي ٿي ته هو سدائين سفر ۾تو گذاري ۽ آءُ هميشه ان جو انتظار ڪندي گوندر ۾پئي گهاريان. اهڙي وَرُ جي ونی ٽيڻ ڪان ته بهتر هو ته آءُ پنهنجي سموري عمر اڪيلي ويهي گذاري ڇڏيان ها. ان سُهاڳڻ کي وَر جي وڃڻ تي ڏاڍو ڏک لڳيس ٿو. اها پنهنجن نماڻن نيڻن سان بيٺي انهن ڏي نهاري ٿي. پر هن جي وَر کي ان تي ڪا به کهل نه پئي اچي. اها سوچي پئي ته شايد منهنجو عشق اَپرو آ ۽ منهنجي مجبوريءَ جو ان وڻجاري وَر جي مٿان ڪو به اثر نه پيو ٿئي. اوري اتي اهو به سوچي ٿي ته منهنجي غلطي آهي ڇو جو مون کي ڪپندو هو ته آءُ پاڻ کي ان جي ونجهه سان ٻڌي وراڪي ساڻن سلهاڙ جي پرديس تي رواني ٿيان وڃان ها. اهڙن جذبن جو اظهار هن بيت ۾ لطيف شائين هن طرح ڪري ٿو.

جيڪس نہر نينھن سندوم، جئن مون اُپي ھن ٿيليو،
سعيو ساموندين سين ، اکھين تان نہ ڪيوم ،
وجھڻ منجھ ھُئوم ، پاڻ وراڪي رس سين.
(شاھواڻي، سُر ساموندي، داستان پھريون، بيت 22، 2005ع، ص: 193)

وڃڻ وارا وڻجارا جڏھن ڏيساري لاءِ روانا ٿي نڪري ويا پوءِ تہ اھا وَنِيءَ ھاڻي سندن جي حق ۾ خير سان واپس ورڻ لاءِ دعائون پئي گھُري تہ شل خير سلامتيءَ سان اھي وڻجارا پنھنجي منزل تي پھچن ۽ انھن جو سفر سٺائو ٿئي ،سفر دوران ڪين ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳي. وڻج واپارا ڪري منافعو ڪمائي، سمورا ڪم ڪاريون پورا ڪري، پوءِ وري خيرخوشيءَ سان پنھنجي تڙن تي پنھنجي ماڳن تي موٽي اچي مون سان ملندا ۽ اھا آس ۽ اميد ڪڏھن بہ نہ لاھينداس. ان ڪيفيت کي شاھ لطيف ھن بيت ۾ اھڙيءَ ريت بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ.

مون اُپي تڙ پاس ، پرين پڳھ ڇوڙيا
ھُو اللّٰه ھار اُھريا، آئون دمدم دعا ڪندياس
آھَ نہ لاھينداس ، موٽي ايندا مان ڳري.
(شاھواڻي، سُر ساموندي، داستان ٽيون، بيت 7، 2005ع، ص: 206)

سُر ساموندي جي مطالعي ڪرڻ سان عورت جو سچوءِ خلوص پريو پيار ۽ سندس وفا ۽ ايثار جا منظر نگاھن جي آڏو اچي وڃن ٿا. اُن عورت جي درد، فراق ۽ اوسيئڙي جون ڪيفيتون پڙھندڙ جي نيٽن مان نير وھايو ڇڏين ۽ دل مان اھا دعا نڪري وڃي ٿي تہ شل نہ ڪنھن جو سڄڻ وڇڙي. ويچاريون وڻجاريون پنھنجيون اکيون پنھنجي سڄڻن جي آس ۾ سدائين ڪليل رکن ٿيون ۽ سندن تن ۾ تانگھ ھوندي اٿن، ويھڻ وِھُ ھوندو اٿن ، ڪائڻ پيئڻ حرام ھوندو اٿن، بُک ۽ اُڃ جو احساس ختم ٿي ويندو اٿن، فقط انھن جي اکين ۾ وَر جي موٽڻ جي انتظار ۽ اوجاڳي جا اولڙا چٽي طرح ڏسي سگھجن ٿا.

ساموندڪو سنگ، آھي گُوندر گاڏئون،
انگھُن چاڙھي اڱُ، ويو وڻجارو اوھري.
(شاھواڻي، سُر ساموندي، داستان پھريون، بيت 18، 2005ع، ص: 192)

ساموندي ساري، ماءِ! مُنھنجو جندڙو،
بندر ويچاري، وڃي لاتا ڏينھرا.
(شاھواڻي، سُر ساموندي، داستان پھريون، بيت 17، 2005ع، ص: 192)

انھن وڻجارن پرديس ۾ ڪيڏا ڏينھن وڃي لايا آھن. انڪري پويان انھن جي وَنِين جون دانھون ۽ روئڻ، آزيون، ليلائڻ انھن جي مائرن پنھنجي سَسن کي ميار پيون ڏين. وري ڪنھن مھل تہ سمنڊ سان ويھي دل جو حال اورين ٿيون. ڪڏھن تہ وري پاڙي وارين کي وڻجاري جي دانھن پيون ڏين. ڪڏھن تہ پنھنجي جيجل امڙ کي سڄڻ جا ڏوراپا پيون ڏين. وڻجاري لاءِ ايندين ويندين کي پيغام ۽ سلام پيون موڪلن، ڪيڏي مھل ڪانگ پيون اڏائين. ۽ ملڻ لاءِ وڏا حيلا پيون ھلائين، سَرتين کي مِنٿون پيون ڪن، انھيءَ جي باوجود نہ ساھ کي سُک، نہ دل کي دلجاءِ بس بي آرامي، بيڪسي، وڇوڙي ۽ فراق جا ورلاپ جھڙا پُر سوز منظر سُر سامونديءَ ۾ ڏسڻ وٽان ھوندا آھن. ايئن لڳي ٿو ڄڻ شاھ لطيف سُرساموندي ۾ عورت جي سچي جذبي جي چٽي پٽي تصوير چٽي منظرِ عام تي آندي آھي.

مون کي جياريو، پرين جي ڳالھ ڪري،
ڏنو اَڄ اڏِيو، ھيئنڙوڪوٽَ بُرج جيئن.
(شاھواڻي، سُر ساموندي، داستان پھريون، بيت 33، 2005ع، ص: 195)

وڻجاري ويچاري مڙني کي منٿ پئي ڪري تہ مون سان سپرين جي ڳالھ ڪريو جيئن مون سڪايل ۾ نئون روح موٽي اچي، پرينءَ جي انتظار ۾ تہ منھنجو سمورو جسم درد ۾ ايئن ڏَھي پيو آھي جيئن ھڪ قلعي جي ڏٺل ٺُل کي وري نئين سر

پيواڙجي. اها ئي وڻجاري من کي پئي مچائي ته وڃي ان چائنٺ کي چُمر جنهن تي پرينءَ جا پير آهن. اهڙن جذبن جو هن بيت ۾ هن طرح شاهه لطيف ذڪر ڪيو آهي.

وَانءُ وَڃي واٽُنِ ، هينئڙا ! ماڳُ پرين جو،
چُميو، چُمُر چائنٺ ، هُوءِ جا سندي سڄٽين.

(شاهوائي، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 34، 2005ع، ص:195)

اهڙيءَ ريت وڻجاريون جدائيءَ جي درد ۾ چڪناچُور آهن، پر پوءِ به سندن آس ۾ نراس ڪونهي، اهي نا اميد ڪون آهن، ڪين پڪ آهي ته سندن سڄڻ ڪٿي به آهن ضرور واپس وري هن تڙن تي ايندا ۽ ساڻن اچي ملندو تڏهن وڇوڙي جا سڀ ڏک ختم ٿي ويندا. انهن جي ملڻ سان انهن وڻجارين جا سڀ ڏک درد ڏُور ٿي ويندا. اهڙي جذبي کي شاهه لطيف هن طرح اظهارڪيو آهي.

هي سڄڻ سيئي، جي مون ڪوڏ نهاريا،
ايندمر جان پيهي، ته سڀ لاهيندمر ڏکڙا.

(شاهوائيءَ، سُر سامونڊي، داستان پهريون، بيت 37، 2005ع، ص: 195)

سُر سامونڊي ۾ شاهه سائين عورت جي محبت ۽ جدائي کي برداشت ڪرڻ واري جذبي کي اجاگر ڪيو آهي. ماڻهن جي الله پاڪ مان آس ۽ اميد نه لاهڻ واري جذبي کي پڻ ظاهر ڪيو آهي. اهي سڀ عورت جا گُڻ آهن جيڪي شاهه لطيف سُرسامونڊيءَ ۾ڏيکاريا آهن. ۽ اهو عام ماڻهن کي سبق ڏنو اٿس ته ڏکن پنيان سُک به لازمي ايندا آهن. جڏهن انهن جي اچڻ جي اميد هوندي اٿن تڏهن سمنڊ ۾ڪتوري ۽ آکا ڏينديون آهن. ان جذبي جو اظهار هن بيت شاهه لطيف هيئن پيو ڪري.

اُپيُون تڙَ پُوڄين، وَهُون وڻجارن جون،
آٽيو آکا ڏين ، ڪَتوري سَمونڊَ کي.

(شاهوائيءَ، سُر سامونڊي، داستان ٻيو، بيت 18، 2005ع، ص:201)

جَرتڙِ ڏيو ڏي، وڻِ تڻِ ٻڌِي وائنٽيون،
الا! ڪانڌُ اَچي ، آسائتي آهيان.

(شاهوائيءَ، سُر سامونڊي، داستان ٻيو، بيت 22، 2005ع، ص:202)

شاهه صاحب سُر سامونڊي ۾ ان ڳالهه کي پڻ واضع ڪيو آهي ته ڪيئن انهيءَ دَور ۾تجارت ۽ وڻج واپار ڪيو ويندوهو. سنڌي وڻجارا سمنڊ رستي سوماترا ۽ جاوا سان اولهه ۾ مصر اسپين سان، خشڪي رستي ريشم واٽ رستي چين ولايت سان، وچ ايشيا ۾ ثمرقند، بُخارا، تاشقند رستي ولايت سان پيش واٽ رستي ڪش، بابل، نينوا سان واپار ڪندا هئا. انهيءَ وڻج واپار خاطر انهن وڻجارن لاءِ سمنڊ جو خطرن ڀريل سفر به وڻن ڪا به معنيٰ ڪون رکندو هو.

حلال رزق حاصل ڪرڻ لاءِ ڏُکن کي مُنهن ڏيڻ ۾انهن وڻجارن جو ايمان هو. رزق حلال جي تلاش ۾ ڪٺن ڪشالا ڪرڻ، سفر تي سر جو آسرو ڪٽي گهاٽي نينهن سان مڙس ٿي سمنڊ سان جهيڙڻ، سورهيه وڻجارن جو پاڪ شيوو آهي. جهڙو تهڙو ماڻهو اهڙو ڪم ڪڏهن به نه ڪري سگهندو. پر اهو ملاحن ۽ وڻجارن جو شيوو آهي، جيڪي الله جي آسري ديس ڇڏي ولايت اوهري وڃن ٿا ۽ حلال جي روزي تلاش ڪن ٿا. ” حلال جي ڪمائي اها آهي، جا پنهنجي صلاحيت جي مطابق سچائي سان ڪمائجي.“[۵] ان ڪري انهن جون وَنهيون به ان ايمان سان سندن پويان گهرسنڀاليندون هيون. وڻجارن جو گهٽي وقت تائين سمنڊ جي سفر تي هجڻ ڪري سندن گهرواريون اوڏر تي سامان وني به گهر جو گذرسفر ڪنديون هيون. جيئن هن بيت ۾ هڪ وڻجاريءَ جي جذبن جو اظهار شاهه لطيف هن طرح ڪري ٿو چوي ٿو ته:

اسان اُڏارا ، آٽي اونگ چاڙها،
منهن ڏيئي مون آئيا، سُمُهان سيارا،
اُپرن سيڪارا ، پَسيو وَرَ بين جا.

(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٽيون، بيت 3، 2005ع، ص: 205)

سُر سامونڊيءَ ۾ عورت جو ڪردار نمايان نظر اچي ٿو. هن ڌرتيءَ تي ’عورت‘ خدا تعاليٰ جو هڪ اهڙو تحفو آهي، جنهن جي هجڻ سان ئي ڪائنات پنهنجو حُسن قائم رکندي پئي اچي. عورت گهڻن گُڻن جي مالڪياڻي آهي. شاهه لطيف سندس عظمت ۽ مرتبو پنهنجي شاعريءَ ذريعي وڏيڪ مٿانهون ڪري بيان ڪيو آهي.

سنڌي سماج جي هر عورت پنهنجي ڪانڌ لاءِ ۽ هر ڪا وَنِي پنهنجي وَرُ لاءِ ساڳيا جذبا ۽ ساڳيا احساس دل ۾ رکي ٿي، جهڙا وڻجاري جا پنهنجي وَرَ لاءِ آهن.

پتڻ پوءِ پڇار، آن ڪي سڙهه ويندا گڏيا،
اُڪنڊ مون اَپار ، شال منهنجا موٽيا.

(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٻيو، بيت 17، 2005ع، ص: 201)

اڱڻ آئيا جان ، تہ سرتيون ! مون سک ٿيا،
املهہ پرين مٿان، پرڪئو ٻين ڏيان.

(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٻيو، بيت 10، 2005ع، ص: 200)

سُر سامونڊيءَ جو هر هڪ بيت نازڪ خياليءَ ۽ انساني جذبن جو ثبوت آهي. اسانجو سماج مرداڻو سماج آهي، هر هنڌ مرد کي عورت مٿان نفسياتي برتري حاصل آهي. پنهنجي خواهشن جي تڪميل هر فرد چاهيندو آهي پر اسان جي سماج ۾ عورت رسمن ۽ رواجن جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌل رهندي آهي. خواهشون سيني وٽ هونديون آهن. مرد آزاديءَ سان پنهنجون خواهشون پوريون ڪري سگهي ٿو پر ان جي مقابلي ۾ عورت رڳو پنهنجي خواهشن لاءِ فقط سوچي سگهي ٿي. ان لاءِ هُوءَ پنهنجي وَر سان روح رهاڻ ڪري ٿي.

اڄ پڻ وايون ڪن ، وڻجارا وڃڻ جون،
مون ايئيي هليا، بندر جن ٽڙن،
سرتيون! سورُ سندن، مون ماريندو جندڙو.

(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٻيو، بيت 2، 2005ع، ص:198)

ڊاڪٽر شاهنواز سُوڍر سماجي ٻنڌڻن ۾ ٻڌل عورت جي نفسيات جي باري ۾ لکي ٿو تہ: ”سنڌ جي وڻجارين، پنهنجي ڪانڌن لاءِ اُڪير، محبت ، پيار ۽ ان جي ڪري هر ورڪا ۽ صدقو، سنڌن پروسو ۽ پرم پنهنجي ساٿي لاءِ، جيڪو ڏنو يا دل ۾ رکيو. اهو صداقت يا قرباني جو اهڃاڻ ٿو نظر اچي، جنهن کي خالي وسوسن وارو نہ بلڪ ور سان وفاداريءَ جو ثبوت چوڻ گهرجي.“(٦)

لاهيان جي نہ چتان، الا! اُن مَر وسران،
مڙهيو منجهاران، جيءُ منهنجو جن سين.

(شاهواڻي، سُر سامونڊي، داستان ٽيون، بيت 4، 2005ع، ص:199)

لطيف سائينءَ سُر سامونڊيءَ ۾ سنڌ جي ارڏي عورت جي ڪردار کي جنهن نموني واکاڻيو آهي، جنهن ۾ بي باقي جا اعليٰ مثال جيڪي انساني جبلت ۾ جتي احساسن جي سوز ۽ سڪ واري جذبي کي واضع ۽ ڪليل لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. انساني جذبا جيون جي جز مثل آهن ۽ انساني احساس وري اندر جي اُڌمن جي اظهار جي طاقت بڻجي، سموري ڪائنات تي زندگيءَ جي حقيقت جيان نئين سج نروار ٿين ٿا. سُر سامونڊيءَ ۾ ترقي پسند تصوف ۾ حقيقي ۽ سچن جذبن جي اُپٽار سان هر هڪ بيت پوري سچائيءَ سان حقيقيت پسنديءَ جي رنگ ۾ رڱيل ملن ٿا. اها هڪ حقيقت آهي تہ جڏهن سالن ڪان پوءِ انتظار جون گهڙيون ختم ٿين ٿيون تڏهن انهن وڻجارين جي جڻ تہ عيد ٿي ويندي آهي. عيد بہ پنهنجن جي ملڻ سان مڪمل ٿيندي آهي. جيئن هن بيت ۾ شاهه لطيف هڪ وڻجاريءَ جي جذبن جي اپٽار ڪئي آهي.

لڳي اتر اُهريا، واهوندي ورن،

آئون گهڻو ئي گهوريان، سودو ساموندبين،
اڳڻ جَنِ اَڃَنِ، عيد ورتي ان کي.
(شاهواڻي، سُر ساموندي، داستان ٻيو، بيت 9، 2005ع، ص: 200)

دنيا جي کهڙي بہ عورت هجي معاشرو ان کي ڪمزور سمجهي ٿو، پر اها ڪمزور عورت جڏهن پنهنجي عزم ۽ اڏول ڪردار سان سموري ڪائنات ۾ انقلابي روح ڀري وجهي ٿي. فطري جذبن جا اهڃاڻ ۽ انهن جي سڃاڻ انهن جي اوسيئڙي جا احساس اندرجي آڙاهہ ۾ ڪامندڙ انتظار ڪندي ملن ٿا. درد ۽ اوسيئرو انساني جذبن جو اهڙو روپ آهن جو انهن تي وقت ۽ حالتون ڪڏهن بہ حاوي ٿي نہ سگهيون آهن. دنيا جا معاشيءَ ثقافتي قدر ڪهڙا بہ هجن پر انتظار جو درد ۽ احساس دنيا جي ڌرتيءَ جي هر هڪ علائقي ۾ موجود عورت جو اهڙو ئي ساڳيو آهي، جيئن سنڌ جي وڻجارن جي وَنين جي دل ۾ اُڌما ڪائي ٿو.

آئي اتر منڊ، هيئين اڊڪو نہ لهي،
وٺين لاڄوبند ، ٻيهر مکين ٻيڙيون.
(شاهواڻي، سُر ساموندي، داستان ٽيون، بيت 9، 2005ع، ص: 206)

سڙهہ ٿي سبيائون، بندر جن تڙن تي،
سڙهہ سبي ساڃا ڪري، ڪوها ڪنيائون،
بيرقون بحرن ۾، چوڙي چڏيائون،
لهريون لنگهيائون، لطف ساڻ لطيف چئي.
(شاهواڻي، سُر ساموندي، داستان ٻيو، بيت 14، 2005ع، ص: 201)

سُر ساموندي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ لطيف هڪ وڏو فطرت شناس شاعر تہ هو پر ڪمال درجي جو مشاهدو ڪري ان جو بيان سُرساموندي جي بيتن ۾ عورتن جي جذبن جو ڪيواٽس. سندس هر بيت جي هر هڪ سِٽ ۾ هر استعمال ٿيل لفظ جي اندر ورهہ جا ورلاپ، دردوندي دل جي دانهن ۽ ڪُوڪار، اوسيئڙي جي اورڪ ۽ محبت جي ميخُونن جي خُوب طرح سان تصوير ۽ چترڪاري جا نمايان عڪس ملن ٿا.

**نتيجا :**

- سُرساموندي ۾ سنڌ جي خوشحالي ۽ ڏيساور سان وڻج واپار جي تاريخ ملي ٿي.
- سُرساموندي ۾ سنڌي سماج جي نفسيات جا عڪس نمايان نظر اچن ٿا.
- سُرساموندي ۾ سنڌي عورت جي پاڪدامني جو چٽو ثبوت ملي ٿو تہ هُوءَ پنهنجي ورڪان پري رهڻ جي باوجود بہ ڪنهن غير مرد ڏانهن ڪون ٿي نهاري.
- سنڌي عورت پنهنجي گهر ۽ وَرُ سان سچي دل سان پيار ڪندڙ نظر اچي ٿي.
- پنهنجي وَرُ جي غيرموجودگيءَ ۾ پيش ايندڙ هر مشڪل امتحان ۽ گهڙي جو بهادريءَ سان مقابلو ڪري ٿي .
- هر اُپرندڙ سج جو بيچيني سان انتظار ڪري ٿي تہ سندس وَرُ اڄ گهر موٽي ايندو.
- سُرساموندي ۾ عورت انتهائي صابرين ۽ بيمثال قربانيءَ جو جيئرو جاڳندو مجسمو آهي.

## حوالا


١. شاهواڻي، غلام محمد (مرتب). شاهہ جو رسالو، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ٢٠٠٥ع، ص: ١٨٧.
٢. شاهاڻي، رقيہ، غلام النبي، 'سُر ساموندي تي هڪ نظر'، 'سُر ساموندي'، مرتب: حميد سنڌي. ڀٽ شاهہ، حيدرآباد: شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ١٩٩٧ع، ص:٢١٣-٢٢٢.

٣. نذير ناز، ’سُر سامونديءَ ۾ عورت جو ڪردار‘، ’سُر ساموندي‘، مرتب: حميد سنڌي، ڀٽ شاهه، حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ١٩٩٧ع، ص: ٢٥١-٢٥٨.
٤. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’هڪ جلدي سنڌي لغت‘، حيدرآباد، سنڌ: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، ٢٠١٧ع، ص: ٤٠٤.
٥. آڏواڻي ڪلياڻ، ’شاهه جو رسالو‘،سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٦ع، ص: ١٤٤.
٦. سُوڍر، شاهنواز ڊاڪٽر، ’سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف‘، ڀٽ شاهه: ثقافتي مرڪز، ١٩٩١ع، ص: ٢٩٩.

**نوٽ:** مقالي ۾ ڪتب آندل سمورا بيت، غلام محمد شاهواڻي جي مرتب ڪيل ’شاهه جو رسالو‘ 2005ع تان کنيل آهن.